INTERNATIONAL PREMIER JOURNAL OF LANGUAGES & LITERATURE (IPJLL)
VOLUME 4, ISSUE 3 (s1), 2026 p-ISSN: 3007-2336 e-ISSN: 3007-2344

# شاهه جي راڳائي فقير غلام حيدر نظاماڻيءَ جي شخصيت ۽ فن جو جائزو

Haji Sher Muhammad Nizamani
shermuhammed447@gmail.com
PhD Scholar, Sindhi Department, University of Karachi, Karachi, Pakistan.

**Abstract**

Faqeer Ghulam Haider Nizamani (1933-2002), a revered Sindhi Mystic, folk poet devotee and singer of shah abdul latif Bhitai sacred musical tradition known as Shah jo Risalo Belonging to the Nizamani Tribe originally from Dera ghazi khan, Baluchistan. Faqeer Ghulam Haider was born in the village of Hayat khan Nizamani Near Hala, Matiari District. Introduced to poetry of shah abdul lateef's poetry at the age of twelve he memorized the entire risalo and devoted his life to preserving and promoting Sindhi folk literature and Latifi spiritual traditions. He Began Shah jo raag at his personal Otaq every Wednesday night, and was later appointed to lead the Thursday night performance at Bhit Shah. After his death on 29th march 2002, his sons have continued both the musical and scholarly traditions he established. This article presents his biographical and literary study of Faqeer Ghulam Haider Nizamani.

**Keywords:** *Bhit Shah, Folklore, Ghulam Haider, Niazamani Tribe, Shah, Music.*

**Corresponding Author:** Haji Sher Muhammad Nizamani (PhD Scholar, Sindhi Department, University of Karachi, Karachi, Pakistan)
**Email:** shermuhammed447@gmail.com

**1. نظاماڻي ذات جو تعارف**

نظاماڻي ذات وارا اصل ديري غازي مان آيا، سنڌ جي مختلف علائقن ۾ آباد ٿيا. ”نظاماڻي قبيلي جو جِد امجد (ابو) نظام الدين عرف سخي نظام فقير آهي. سخي نظام فقير جوجنم 1600ع جي اوائل ۾ بلوچستان جي (موجوده ديري غازي خان) ڪوهستان جي دامن ۾، بلوچ قوم جي بوزدار قبيلي جي مشهور ۽ بهادر مرد، محمد بوزدار جي گهر ۾ ٿيو“.(1)

”هي نظاماڻي قبيلي جو شجرو، The History of Alienation in the Province of Sindh Gazette of 1878, commissioner of Sindh۾ شايع ٿيل آهي.

نظاماڻي قبيلي جوشجرو:

ميرجلال خان
رند
ميرحسن
پهلوان
نوتڪ
سوهگ
اسماعيل
بهليل
محمد
نظام الدين(2).“

نظاماڻي قبيلي جا ماڻهو بدين، هالا، سانگهڙ جهڙن شهرن ۾ آباد ٿيا. فقير غلام حيدر نظاماڻي جا وڏڙا ماتلي شهر جا رهواسي هئا. سندن وڏن جا پٽ، گوني واهه جي ڪپ تي موجود آهن. فقير غلام حيدر نظاماڻي جو ڏاڏو محمد خان نظاماڻي اُتان ڪهي هالا آيو، جتي حيات خان نظاماڻي سان مائٽي ڪري اُتي رهجي ويو. جتي هاڻي سندن خاندان وارا رهن ٿا. ڳوٺ صاحب خان نظاماڻي، هن ڳوٺ ۾ هاڻي نظاماڻي قبيلي جا ماڻهو نٿا رهن، پناڻ، ڪوريا، پنهور ۽ ٻيون ذاتيون رهن ٿيون. هي ڳوٺ تعلقي ٽنڊي آدم ضلعي سانگهڙ ۾آهي. ڳوٺ موسو خان نظاماڻي آهي، لڳ ڀڳ ٽيهه چوڏهن. موسي خان نظاماڻي جي نالي سان پڙ جاگير منسوب ڪئي وئي ٿي، پر هن ڳوٺ ۾ هاڻي ٻگهيا ذات وارا رهن ٿا، هن ڳوٺ ۾ به نظاماڻي ذات وارا ماڻهو نٿا رهن. هي ڳوٺ هاڻي قاسم ٻگهيو جي نالي سان سڏجي ٿو. ڳوٺ حيات خان نظاماڻي هاڻي هن ڳوٺ کي فقير غلام حيدر نظاماڻي سان ڪوٺيو ويندو آهي، هي ڳوٺ هالا شهداپور روڊ تي هالا شهر کان 5 پنج ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهي. ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي، هي قديم ڳوٺ آهي، هن ڳوٺ ۾ نظاماڻين سان گڏوگڏ ٻيون ذاتيون به رهن ٿيون، جن ۾ ڪوري، خاصخيلي، شيخ، شيدي، مهراڻي، پٽي، مينگهواڙ، باگڙي رهن ٿا، هن ڳوٺ جي نالي يونين ڪائونسل پڻ ٺهيل آهي. يونين ڪائونسل ڪرم خان نظاماڻي ۾ نظاماڻي ڳوٺن جو وڏو تعداد موجود آهي، جن ڳوٺن جا نالا هي آهن: ڳوٺ سوڀو نظاماڻي، ڳوٺ جمال خان نظاماڻي، ڳوٺ عارب نظاماڻي، ڳوٺ سونو خان نظاماڻي، ڳوٺ ساجن نظاماڻي، ڳوٺ آوت نظاماڻي، ڳوٺ علي محمد نظاماڻي آهن.

**2. فقير غلام حيدر نظاماڻي جي پيدائش ۽ خاندان**

فقير غلام حيدر نظاماڻي جو جنم حاجي شير محمد نظاماڻي جي گهر ۾ آگسٽ 1933ع ڏاري ڳوٺ حيات خان نظاماڻي ۾ ٿيو. ڳوٺ حيات خان نظاماڻي يونين ڪائونسل ڪرم خان نظاماڻي، تعلقو هالا، ضعلي حيدرآباد ۾ ٿيو، جيڪو هاڻي ضلعو مٽياري آهي. فقير غلام حيدر نظاماڻي، جي جنم ٿيڻ کان پوءِ ٻه مهينا مس گذريا ته سندس والده وفات ڪري ويئي. فقير غلام حيدر نظاماڻي کي چار پينرون هيون انهن مان وڏي پيڻ ۽ سندس والد حاجي شير محمد نظاماڻي، فقيرغلام حيدر نظاماڻي کي پاليو ۽ سندس والد حاجي شير محمد نظاماڻي فقير غلام حيدر

نظاماڻي تعليم ڏياري ۽ تربيت ڪئي. حاجي شير محمد نظاماڻي هڪ معزز شخصيت سان گڏ هڪ سپاجهو انسان هو. پاڙي وارنء نظاماڻي ذات وارا ڪيس عزت جي نگاهه سان ڏسندا هئا. حاجي شير محمد نظاماڻي سخي مرد، بهادر انسان هئڻ سان گڏوگڏ پنهنجي ڳوٺ جو چڱو مڙس پڻ هو.

هڻ هڪلڻ، ٻيلي سارڻ، اي مانجهائي مرڪ
وجهن تان نه فرق، رُڪ وهندي راند ۾

حاجي شير محمد نظاماڻي، جا ٻه پٽ هئا. جن ۾ حاجي خان نظاماڻي، فيض محمد نظاماڻي. حاجي شير محمد نظاماڻي کي فقير غلام حيدر نظاماڻي، اڪيلو پٽ هو. حاجي شير محمد نظاماڻي ٻني ٻاري جي ڪم ڪار سان منسلڪ هو، پر پنهنجي پٽ کي تعليم ڳوٺ اجن شاهه جي اسڪول ۾ پرائمري تعليم ڏياري، ان کان پوءِ ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي جي اسڪول ۾ پڻ داخلا ورتي، پر پوءِ فقير غلام حيدر نظاماڻي پنهنجي والد صاحب حاجي شير محمد نظاماڻي جي اباڻي زرعي ڪم ڪار ۾ شامل ٿي ويو.

**3. فقير غلام حيدر نظاماڻي جو شجرو**

فقير غلام حيدر
شير محمد
محمد خان
علي محمد
حاجي شاهه محمد
لعل محمد خان(عرف لال محمد)
جعفر خان
جلال خان
فتح محمد عرف ڦتُو
حسين خان
شاهه علي خان
نظام الدين عرف نظام فقير(3).“

**4. فقير غلام حيدر نظاماڻي جو اولاد**

هي شجرو فقير غلام حيدر خان نظاماڻي جو آهي جيڪو سخي نظام فقير سان ملي ٿو. فقير غلام حيدر خان نظاماڻي کي جيڪي اولاد آهي ان جو شجرو هيٺ ڏجي ٿو.

1. فقير علي ڏنو نظاماڻي
2. فقير غلام حيدر نظاماڻي
3. هڪ نياڻي

1. فقير علي ڏنو نظاماڻي کي ٻه پٽ آهن: علي اڪبر ۽ علي حيدر نظاماڻي ۽ ٻه نياڻيون آهن.
2. حاجي شير محمد نظاماڻي، کي چار پٽ آهن: غلام حيدر، اميرحيدر، عديل حيدر نظاماڻي، فراز حيدر ۽ ٻه نياڻيون آهن.

فقير غلام حيدر نظاماڻي جون ٻه شاديون هيون، پر پهرين گهرواري مان اولاد نه هو، ٻئي گهر واري مان فقير غلام حيدر نظاماڻي کي ٻه پٽ هڪ نياڻي آهي. هڪ جو نالو فقير علي ڏنو نظاماڻي، فقير حاجي شير محمد عرف فقير حاجن نظاماڻي ۽ هڪ نياڻي آهي. فقير غلام حيدر نظاماڻي پنهنجي دنيا جي ڪمن ڪارن کي اهميت گهٽ ڏني ۽ روحانيت واري پاسي تمام گهڻو محو رهيا. فقير علي ڏني لطيف سائين جو قلمي نسخو پڻ پنهنجي هٿ سان فقير غلام حيدر نظاماڻي جي نگراني 1995ع ۾ لکي پورو ڪيو هو. هي قلمي رسالو تاج محمد نظاماڻي باقر

خان نظاماڻي جو لکيل هو، ان رسالي تان فقير علي ڏنو نظاماڻي اُتاري لکيو. فقير غلام حيدر نظاماڻي حڪمت طب نبوي جا ماهر هئا. جيڪا ڏات ڪيس پنهنجي ابن ڏاڏن کان ملي هئي، خاص طور عرق النساء جي سور جو ساٽ ڪندا هئا، ان سور جي پڻ دوا بہ ڏيندا هئا. عرق النساء علاج جي سور جو ڪرڻ فقير غلام حيدر نظاماڻي پنهنجي پنهي پٽن کي پڻ سيکاريو هو، فقير علي ڏنو نظاماڻي ۽ حاجي شير محمد نظاماڻي (فقير حاجن نظاماڻي عرق النساء جو علاج ڪندا آهن. فقير علي ڏنو نظاماڻي، پنهنجي ئي ڳوٺ فقير غلام حيدر نظاماڻي ۾ حڪمت خانو هلائي ٿو. جتي پري پري کان ماڻهو دوائون وٺڻ لاء ايندا آهن. فقير علي ڏنو نظاماڻي پنهنجي والد جي پيروي ڪندي حڪمت خانو بہ سنڀالي ٿو ۽ لوڪ ادب جون ڪچهريون بہ پائر پڻ قائم رکيو اچن ٿا.

پيو سندس پٽ حاجي شير محمد(فقير حاجن نظاماڻي) شاه جو راڳائي فقير آهي، جيڪو پنهنجي والد صاحب جي پيروي تي قائم آهي. فقير حاجن نظاماڻي هر هفتي اربع جي ڏينهن شام خميس جي رات، شاه جو راڳ ڳائڻ لاء پٽ شاه تي ويندو آهي. حاجي شير محمد (فقير حاجن نظاماڻي) کي پنهنجي والد صاحب شاه جو راڳ سيکاريو ۽ 2000ع ۾ شاه جي راڳ شروعات ڪئي. شاه جو راڳ فقير غلام حيدر نظاماڻي جي وفات 29 مارچ 2002ع تي ۽ ان کانپوء شاه جو راڳ فقير حاجن نظاماڻي جاري رکيو اچي ٿو.

حاجي شيرمحمد (فقير حاجن) نظاماڻي 2025ع ۾ شاه ميلي ۾ (شاه لطيف ايوارڊ) بلاول ڀٽو زرداري خاص راڳ جي مهارت تي ڏنو. حاجي شيرمحمد (فقير حاجن) نظاماڻي شاه جي راڳ تي (ايم فل) پڻ ڪئي آهي، جنهن جو موضوع هو، ”**شاه عبداللطيف ڀٽائي جي راڳ جو فڪري اڀياس**“ هي مقالو لکي پورو ڪيو. 2024ع وفاقي اردو يونيورسٽي عبدالحق ڪيمپس ڪراچي مان ڊگري حاصل ڪئي. فقير حاجي شير محمد (فقير حاجن نظاماڻي) لوڪ ادب جي ڪچهرين ۾ پڻ فقير علي ڏنو نظاماڻي جو ساٿ ڏيندو آهي. حاجي شيرمحمد (فقير حاجن) نظاماڻي اخبارن ۾ آرٽيڪل پڻ لطيفيات جي موضوع تي لکندو آهي. حاجي شيرمحمد (فقير حاجن) نظاماڻي لطيفيات تي آرٽيڪل لکڻ جي شروعات 2009ع کان ڪئي جيڪي آرٽيڪل (سوجهري) مئگزين ۽ (عبرت) مئگزين مان ڇپيا، پوء مختلف اخبارن۽ مئگزينن مان ڇپبا رهيا، 2014ع ۾ حاجي شيرمحمد (فقير حاجن) نظاماڻي (مڙيا مٿي مچ) جو آغاز ڪيو. 2015ع ۾ حاجي شيرمحمد (فقير حاجن) نظاماڻي، شاه عبداللطيف ڀٽائي بابت هڪ ويب سائيڊ پڻ ٺاهي، لطيفي ڪم کي پنهنجي هڙان وسان محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ويب سائيڊ جو نالو آهي. www.shahabdullatifbhittai.com.pk هن ويب سائيڊ ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائي جي زندگي جو مختصر احوال، شاه سائين جو سامان، لطيفي رسمون درگاه جون، لطيفي طريقت جو ذڪر، شاه جي راڳائي فقيرن ۽ شاه جي راڳ بابت تفصيل پڻ ڏنل آهي. شاه جي راڳ جي سرن جي سڃاڻپ لاء پڻ هن ويب ۾ شامل آهي. لطيفيات جي موضوع تي هڪ ڪتاب ”**مونا طورسينا**“ پڻ 2019ع شايع ٿيو، ۽ لطيفي دعائن جو ڪتاب ” **تون ئي ڍڻن ڍب**“ فقير علي ڏنو ۽ حاجي شير محمد (فقيرحاجن) نظاماڻي 2025ع ۾ شايع ٿيل آهن، فقير حاجن نظاماڻي جي پنهي ڪتابن جو موضوع لطيفيات آهي. فقير غلام حيدر نظاماڻي جي اوطاق تي جيڪي اڳ ڪچهريون ۽ محفلون قائم هيون، سي هاڻي بہ هلندڙ آهن.

محبتي ميڙي، ڳوٺ ٻڌجي هيڪڙو
تنين جي ويڙهي، پاڻهي ايندو پادشاه

### 5. فقير غلام حيدر نظاماڻي جي شخصيت

فقير غلام حيدر نظاماڻي هڪ برجستو انسان هميشہ پنهنجي منهن تي مسڪرات رکندو هو، ڪيتري بہ تڪليف چو نہ هجي پر ڪنهن کي بہ محسوس نہ ڪرائيندا هئا. فقير غلام حيدر نظاماڻي ڳوٺ جو چڱو مڙس هو، هميشہ برادري هجي يا پاڙي وارا هجن، سڀني سان انصاف سان پيش ايندو هئا، ڪنهن سان بہ ناانصافي نہ ڪندا هئا نہ وري ڪنهن ٻئي کي ناانصافي ڪرڻ ڏيندا هئا، هيمشہ فقير غلام حيدر نظاماڻي جي اوطاق تي ڏات ڏڻين يعني سگهڙن، شاعرن سالڪن جا ميڙا متل هوندا هئا.

”فقير غلام حيدر نظاماڻي پهرين آگسٽ 1933ع تي جنم ورتو. سندن والد جو نالو حاجي شير محمد نظاماڻي آهي. چون ٿا ته فقير سائين جڏهن ٻارهن سالن جي ڄمار جو هو ته ڪيس علائقي جي هڪ معزز شخص سيد روشن علي شاهه فقير تاج محمد نظاماڻي جي هٿن سان لکيل شاهه سائين جي رسالي جو قلمي نسخو پڙهڻ لاءِ آڻي ڏنو. ياد رهي ته فقير تاج محمد نظاماڻي به جس لهڻي، جنهن شاهه سائين جي رسالي جا 14 قلمي نسخا پنهنجن هٿن سان لکيا هئا، سيد روشن علي شاهه ڪجهه ڏينهن بعد اُهو رسالو واپس ڪڻ آيو ۽ جڏهن فقير غلام حيدر کان اهو قلمي نسخو واپس وٺي رهيو هو ته ان مهل ڪائنس پڇيائين ته تو ڪجهه رسالو پڙهيو به آهي يا نه؟ تنهن تي فقير سائين ورندي ڏني ته مون کي شاهه سائين جي رسالي جا به سُر ياد ٿي چڪا آهن. سيد روشن علي شاهه فقير غلام حيدر جو لطيف جي شاعريءَ سان اُهو چاهه، عشق ۽ انسيت ڏسي ڪيس ساڳيو قلمي نسخو تحفي ۾ ڏيئي ڇڏيو، جيڪو هن لطيف جي عاشق ۽ پارکو پاڻ وٽ سانڍي رکيو ۽ زندگي جي آخري سالن دوران جڏهن سندس ملاقات عباس علي نظاماڻي سان ٿي ته انهي کي ڇپائي لاءِ ڏنو، جنهن ڏينهن رات ڪوشش ڪري 2007ع ۾ شاهه سائين جو اهو رسالو ڇپائي پڌرو ڪيو. عباس علي نظاماڻي جيڪو سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄامشورو ۾ سنڌيءَ جو سبجيڪٽ اسپيشلسٽ هو، ان سان فقير جي واقفيت 1986ع ۾ ٿي هئي. تنهن اهو رسالو ڏاڍي محنت سان ڇپرائي پڌرو ڪيو ۽ ان جي ڪم کي سنڌ جي علمي ادبي حلقن پاران تمام گهڻو ساراهيو ويو“.(4)

### 6. فقير غلام حيدر نظاماڻي جو لباس

فقير غلام حيدر نظاماڻي گهڻو ڪري اڇا ڪپڙا پائيندا هئا، پٽڪو سندس مٿي تي پهريل هوندو هئس، ٽوال ڪلهي تي ۽ لڪڻ هميشه پاڻ سان گڏ رکندا هئا. سادگي واري زندگي پسند ڪندا هئا، ڪنهن کي به تڪليف نه اچي، هميشه ھين بابت پيا سوچيندا هئا. دنيا جي چالاڪ انسانن ڪيس ڪيترائي ڀيرا تڪليف ڏني مگر فقير غلام حيدر نظاماڻي دشمنن کي به هميشه معاف ڪري ڇڏيندا هئا. هميشه پيار سان ڳالهائيندا هئا. فقيراڻي طبيعت جا مالڪ هئا.

هو چونئي، تون مَ چئو، واتان ورائي
اڳ اڱرائي جو ڪري، خطا سو کائي
پاند ۾ پائي، ڪيني وارو ڪين ويو.

### 7. فقير غلام حيدر نظاماڻي شاهه جو راڳائي فقير

شاهه جو راڳ، درگاهه شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي شاهه جي حياتي کان وٺي اڄان تائين جاري آهي، جنهن جو بنياد شاهه سائين پاڻ رکيو هو. هر جمع جي رات شاهه جو راڳ ٿيندو هو.

”تمر فقيرجو پهريون دور (1144,70.1168هه) :

جڏهن کان شاهه جي راڳ هو ادارو سنه 1144 هه ذاري باقاعده شروع ٿيو، تڏهن کان وٺي تمر فقير اڳواڻي ڪئي. شاهه صاحب جي استاد مبين نورمحمد جو پٽ ميون ولي محمد پڻ تمر فقير جو ساٿي راڳائي هو. سيد نقي فقير ۽ فقير علي ريحاڻ پوٽو ان وقت جا پيا ساٿي راڳائي هئا. عرس فقير ساند راڳاين جو خدمتگار هو.“ (5)

شاهه جي راڳ ۾ دور رهيا آهن جن بابت چيو ويندو آهي هر شاهه جي راڳائي اڳواڻ جي زندگي ۾ هڪ دور مڪمل ٿيندو آهي. هر دور جي پنهنجي منفرديت آهي. انڪري هنن دورن کي اڳ حصن ۾ ورهايو ويندو آهي.

### 8. جمع جي رات جا دؤر

فقير تمر جو پهريون دؤر (1165--1144هه)
ٻيو دور فقير تمر جي (ڪڇ ۾ هجڻ وقت) غيرحاضري وارو دؤر (1165-1177 هه)
فقير تمر جو ٽيون دؤر (1165-1177 هه)
چوٿون دؤر ميين ولي محمد وارو (1181-1215 هه)
پنجون دؤرميين ڪمال پٽ وارو (1215-1225 هه)
ڇهون دؤريعقوب شهيد وارو (1225-1245 هه)

اٺون دؤرالياس فقير پنھور وارو (1262 ـــ1290 ھه)
نائون دؤرمراد فقير ٻگھيي وارو (1290 ـ 1304 ھه)
ڏھون دؤرڪيھر فقير لنجواڻي وارو (1304- 1334ھه )
يارھون دؤرخليفي لائق ڏني وارو (1338-1348 ھه)
ٻارھون دؤرابراھيم فقير خاصخيلي وارو (1348-1378 ھه)
تيرھون دؤر پير غلام شاھ جي اڳواڻي وارو دور(1975،1957ع) :
چوڏھون دؤرفقير نور محمد شاھه وارو (1975-1977 ع)
پندرھون دؤر فقيرالله بچايو تمراڻي وارو (1977-2004 ع)
سورھون دؤر فقيرسيد جمن شاھ وارو(2004-2026ع) “. (6).

هي دور جمع جي رات وارا دور آهن، هن وقت تائين هلندڙ دؤر آهن، جمع رات کان علاوه ٻين هفتي جي راتين جي شروعات پڻ مختلف وقتن ۾ ٿي آهي. هاڻي شاھ جو راڳ ڏينهن ۾ به ٿيندو آهي. جيڪو اڳ صرف راتين ۾ٿيندو هو.

فقير غلام حيدر نظاماڻي شاھ جي راڳ جي شروعات پنهنجي ڳوٺ ۾ سندس اوطاق تان اربع جي رات جو ڪئي، پوء فقير غلام حيدر نظاماڻي کي خميس جي رات درگاھ شاھ عبداللطيف ڀٽائي تي ملي، سڄي ڄمار اُتي راڳ شاھ جو راڳ ڳايو، فقير غلام حيدر نظاماڻي جي وفات کان پوء سندس پٽ حاجي شير محمد (فقير حاجن) نظاماڻي، شاھ جو راڳ خميس جي رات شاھ جو راڳ ڳائيندو آهي.

”ڀاڻ شاھ جي رسالي جا حافظا هئا. ان متعلق روايتون ملن ٿيون ته جڏهن فقير غلام حيدر نظاماڻي 12 سالن جا هئا ته والد جو دوست سيد روشن علي شاھ، فقير تاج محمد نظاماڻي ويٺل ڳوٺ باقر خان نظاماڻي، جيڪو هالا، شهداپور روڊتي آهي، جو لکيل شاھ جو رسالوڪٽي آيا هئا. سيد روشن علي شاھ ۽ محمد خان فقير غلام حيدر نظاماڻي کي چوندا هئا ته رسالي مان ڪجھ پڙهي ٻڌاءِ اهو رسالو سلسلو ڪجھ وقت تائين جاري رهيو. سيد روشن علي شاھ آيو ۽ چيائين ته رسالو ڏي آئون ڪٽي وڃان. وڏيڪ چيائين ته پلا ڪجھ پڙهيو اٿئي يا نه، فقير غلام حيدر پنج سُر بر زبان ياد ٻُڌايا. سيد روشن علي شاھ چيو ته ابا حق تنهنجو آهي، تون ڀاڻ وٽ حفاظت سان رکجان. ان کانپوء فقير غلام حيدر پٽ شاھ تي شاھ جو ڪلام چوندو هو. شاھ هو راڳي ٿي ويو ۽ سڄو رسالو ڪري ڇڏيائين“.(7).

” فقير غلام حيدر نظاماڻي هر اربع جي رات پنهنجي ڳوٺ واري اوطاق تي شروعات ڪئي، جنهن ۾ شاھ جو راڳ چيو ويندو هو. اُن ۾ ٻري ٻري کان ماڻهو ڪهي ايندا هئا. راڳ جا سندن ساٿي فقير خان محمد نظاماڻي، سانوڻ فقير جلالاڻي، شامل هئا. اُهو راڳ جو سلسلوتقريبن 15 سال جاري رهيو“.(8).

” شاھ جي ڪلام سان وابستگي جي ڪري سيد غلام شاھ فقير غلام حيدر وٽ آيو ۽ چيائين ته توهان ڀٽ تي يعني درگاھ تي اچي ڪلام پيش ڪريو. اوهان جي خميس رات مقرر ڪجي ٿي. زندگي جي آخري خميس جي رات به درگاھ تي ڪلام پيش ڪيائون. سڄي زندگي ۾ خميس واري رات درگاھ تان غير حاضري جو اشارو نه ٿو ملي. خميس واري رات سڄي رات ڪلام پيش ڪندا هئا. ڪڏهن به وچ ۾ نه اٿندا هئا.(9)

فقير غلام پنهنجي دور جو سخي ۽ نيڪ مرد هو، ننڍپڻ کان ئي شاھ سائين جي راڳ سان محبت هئس. چو ته شاھ جو راڳ ڪڏهن ڪڏهن سندس مامي جي اوطاق تي ٿيندو هو، جنهن جي ڪري لڳاء پيدا ٿيو ان کان علاوه فقير غلام حيدر نظاماڻي جي اوطاق تي سندس والد حاجي شير محمد نظاماڻي وٽ شاھ جا فقير ايند رهندا هئا. حاجي شير محمد نظاماڻي شاھ جي راڳائي فقيرن جي مالي مدد پڻ ڪندو رهندو هو. ڪيهر فقير(جت) لنجواڻي هڪ مشهور راڳائي فقير هو جيڪو حاجي شير محمد نظاماڻي جو ويجهو دوست پڻ هو، جنهن کي حاجي شير محمد نظاماڻي ڏڍڻ جون ونگارون پڻ ڏيندو هو. مالي مدد پڻ ڪندو هو. ان دور کان پوء وري ابراهيم فقير خاصخيلي جو دور آيو جيڪو پڻ شاھ جي راڳ جو مشهور جمڙيو اڳواڻ هو، يعني جمع جي رات ڳائيندڙ فقير کي، جمڙيا

فقير چيو ويندو آهي. جمع جي رات جو اڳواڻ غلام شاهه ٿيو، غلام شاهه جي فقير غلام حيدر نظاماڻي سان قربت تمام گهڻي هوندي هئي. سيد غلام شاهه جيڪو گادي نشين جو پٽ به هو ۽ جمع رات جو اڳواڻ به جنهن شاهه جي راڳ ۾ تمام گهڻو انقلاب آندو، جنهن پنهنجا ڪيترائي شاگرد شاهه جي راڳ ۾ پيدا ڪيا. سيد غلام شاهه جو پيءُ سيد علڻ شاهه جو جيڪو گادي نشين پڻ هو شاهه جي راڳ پڻ ڄاڻو هو. سيد علڻ شاهه شاهه جي سکيا، ڪيهر فقيرجت(لنجواڻي) کان ورتي هئي. غلام شاهه جو راڳائي فقيرن ۾ انقلابي دور چيو ويندو آهي. جنهن ڪيترن ئي شاگردن کي پنهنجي بنگلي ۾ رهائش ڏيئي شاهه جو راڳ سيکاريو ۽ انهن جي مالي ساهتا پڻ ڪئي. ماهوار خرچ به ڏيندو هو، اچ وڄ لاءِ ڪجھ شاگردن کي گهوڙا به وٺي ڏنا ته جئين هو هڪ به رات پنهنجي ڳوٺ رهي وري اچي شاهه جو راڳ سکن. غلام شاهه جي شاهه جي راڳ نيڪ نيتي، خلوص دل سان شاهه جي راڳ کي وڌيڪ راتين تي ڳائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون هيون.

**9. ”پير غلام شاهه جي اڳواڻي وارو دور(1975،1957ع)**

پير غلام شاهه جي اڳواڻي واري دور ۾ چنڇر، خميس ۽ اڱاري رات پڻ راڳ ٿيڻ لڳو. يعني ته هفتي ۾ ست ئي راتيون راڳ ٿيڻ لڳو. پير غلام شاهه مرحوم موجوده دور ۾ شاهه جي راڳ جو وڏو ڄاڻو هو. هن ڪيترن ئي سُرن جي (واين) کي هڪ نئين انداز ۾ ڳايوجيڪو اڳ نه هو. دنبوري جي وڄت ۾ نئين ٻن قسمن جي (جهڙ) ايجاد ڪيائين. يعقوب شهيد پنجن قسمن جي (جهڙ) ايجاد ڪئيهئي، جيڪا فقير وڄائيندا آيا، تان جو پير غلام شاهه مرحوم (جهڙ) جا ٻه پيا وڌيڪ قسم نئين سر نروار ڪيا، جن جو ذڪر اسان هن کان اڳ ڪري آيا آهيون. پير غلام شاهه جي پهرين ٻن ٽن سالن اندر هفتي ۾ پنج راتيون راڳ ٿيڻ لڳو، ٻين ڇهين ستن سالن اندر هفتي ۾ ڇهه راتيون راڳ ٿيڻ لڳيو، ۽ سندس دور (1974_1975ع) م هفتي ۾ ست ئي راتيون راڳ ٿيڻ لڳو. اڱاري رات تاج محمد لنجواڻي ٻڌو؛ چنڇر قربان علي لنجواڻي ٻڌو؛ ۽ پڇاڙي ۾ خميس رات غلام حيدر نظاماڻي ٻڌي.“(10).

”خميس جي رات جا دؤر

**10. خميس رات جو پهريون دؤر**

1- فقير غلام حيدر نظاماڻي
2- فقير فقير خان محمد نظاماڻي
3-فقيرالله ڏنو نظاماڻي
4- فقيرسانوڻ جلالاڻي
5-فقير گل محمد پهوڙ
6-فقير ڍوليو نظاماڻي
7-فقير جانو نظاماڻي
8-فقير الله ڏتو نظاماڻي
9-فقير فضل ڇچڙو

**11. خميس رات جو ٻيو دؤر**

1- فقير غلام حيدر نظاماڻي
2. فقير الله ڏنو نظاماڻي
3- فقير سانوڻ جلالاڻي
4-فقير الله ڏتو نظاماڻي
5- فقير قمبر جلالاڻي
6- فقير گل محمد پهوڙ
7- فقير منٺار جوڻيجو
8- فقير غلام محمد نظاماڻي

9. فقير شير محمد لاکو
10-فقير سوڀو خاصخيلي
11- فقير سائين بخش نظاماڻي
12- فقير خان محمد لنجواڻي
13- فقير حاجي شير محمد(حاجن) نظاماڻي

**12. خميس رات جو ٽيون دؤر هلندڙ**

1- فقير حاجي شير محمد (حاجن) نظاماڻي
2- فقير قمبر علي جلالاڻي
3- فقير غلام محمد (ڏاڏو) نظاماڻي
4- فقير سائين بخش نظاماڻي
6- فقير حسين بخش نظاماڻي
7- فقير ڀول نظاماڻي
8- فقير صوڀو خاصخيلي
9- فقير عمران نظاماڻي
11- فقير صدام حسين لاکو" (11) .

فقير غلام حيدر نظاماڻي، شاه جو راڳ خان محمد فقير نظاماڻي کان سکيو. شاه جي راڳ کانسواءِ لطيفي جماعت ۾ پڻ فقير غلام حيدر نظاماڻي ويس وارو فقير هو، فقير غلام حيدر نظاماڻي لطيفي جماعت جو ذڪر تمر فقير جي خليفي لائق ڏنو تمراڻي (دوئم) کان ذڪر ورتو ۽ لائق ڏني فقير کيس لطيفي ويس پٽڪو شاه لطيف جي دور وارو کيس پارايو، ان ڪري کيس جماعت وارا فقير ويسدار فقير چوندا هئا. فقير غلام حيدر نظاماڻي جي اوطاق تي ويهن سالن تائين شاه جا دنبورا ٺهندا هئا، جتي خاص ڪاريگر بخش علي وگهامل مٽيارين وارو رهندو هو، جتي شاه جا سڀ فقير فقير غلام حيدر نظاماڻي جي اوطاق تان شاه جي راڳ لاءِ دنبورا ٺهرائيندا هئا.

فقير غلام حيدر نظاماڻي شاه جي راڳ کان بعد ۾ پنهنجي اوطاق تي شاه جو راڳ ڪرائڻ هر هفتي اربع جي رات راڳ ڳائڻ شروع ڪيو. هڪ رات جي وقفي کان پوءِ يعني جمع جي رات سگهڙن جي ڪچهري ڪرائڻ شروع ڪئي. لوڪ ادب جي اوطاق ڪچهري جنهن جو وقت ڏينهن مقرر ٿيل هو، هر جمع جي رات فقير غلام حيدر نظاماڻي جي اوطاق تي سنڌ جا مشهور سگهڙ ايندا هئا. سڄي رات سگهڙن سان ڪچهري هلندي هئي. جتي ڏات ڏٺي سگهڙ، ڏور جا بيت، سينگار جا بيت، ڏهس جا سينگار، پهاڪي جا بيت، نصحيت جا بيت،ڳجهارتون، ڏٺون، نڙ بيت، ڏيئي محفل مچائي ڇڏيندا هئا. جڏهن سيد غلام شاه فقير غلام حيدر نظاماڻي کي خميس جي رات شاه جو راڳ ڳائڻ لاءِ درگاه شاه عبداللطيف تي مقرر ڪري ڏنو تڏهن بہ هر جمع جي رات سگهڙن جي ڪهچري فقير صاحب ڪريندا هئا. سڄي حياتي فقير غلام حيدر نظاماڻي، لطيف سائين ۽ لوڪ ادب، ۽ انسانيت جي خدمتن لاءِ وقف ڪئي. زندگي جي آخري خميس رات فقير غلام حيدر نظاماڻي درگاه تي خميس جي رات شاه جو راڳ ڳايو، جمع جي رات آيل سگهڙن سان ڪچهري ڪئي، جمع جي ڏينهن جمع نماز جي امامت ڪئي، لطيف سائين جا بيت پڙهندي 14 محرم، 29 مارچ 2002ع تي وڃي خالق حقيقي سان مليا. فقير غلام حيدر نظاماڻي جي تدفين 15 محرم 30 مارچ 2002ع تي شاه عبداللطيف ڀٽائي جي درگاه جي اُتر واري پاسي حُجري شريف ۾ ٿي، جتي کيس لطيف گوڏڙي اوڍائي لطيفي احديت جو ذڪر پڻ ڪيو ويو. لطيفي راڳ هاڻي سنڌس نندو پٽ حاجي شير محمد نظاماڻي(فقير حاجن) ڳائي ٿو، ۽ سندس وڏو پٽ حڪمت ۽ لوڪ ادب جي ڪچهرين سنڀالي ٿو. فقير غلام حيدر نظاماڻي جي اوطاق اڃان تائين ساڳين طريقتن سان هلندڙ آهي.

فقير غلام حيدر نظاماڻي پنهنجي ننڍي پٽ حاجي شير محمد (فقير حاجن) نظاماڻي کي وصيت ڪئي هئي، جڏهن هو يونيورسٽي سنڌ 2000ع ۾ تعليم پرائڻ لاء وڃي رهيو هو ته پاڻهن مان جهلي پاڪر پائي پيار، پاپوه ۾ سڪ مان فقير پنهنجي پٽ کي چيو ته ( اَبا حاجن تعليم پل پرائجان، وڏن عهدن تي فائز ٿيجان منهنجي توکي دعا آهي پر هڪ ڳالهه ياد رکجان ته شاهه جو راڳ ڪڏهن به نه ڇڏجان، اَبا حاجن جڏهن تون درگاهه شاهه عبداللطيف جي صحن ۾ ويهي شاهه جو راڳ ڳائيندين ته منهنجي قبر کي ملائڪ مبارڪون ڏيندا).

تن تسبيع من مٽيو، دل دنبورو جن
تندون جي طلب جون، وحدت سُر وڄن
وحده لاشريڪ لہ، اِهو راڳ رڳن
سي سُتا ئي سونهن، ننڊ عبادت ان جي .

**13. ”غلام حيدر نظاماڻي (1922ع-2002ع)**

فقير غلام حيدر ولد حاجي شير محمد نظاماڻي، شاهه لطيف جو سدا ملوڪ راڳي ٿي گذريو آهي. سندس جنم، 1922ع ڏاري ڳوٺ حيات خان نظاماڻي، لڳ ڀٽ شاهه ۾ ٿيو. پاڻ 15 سالن جي عمر ۾ شاهه لطيف جو راڳ ڳائڻ شروع ڪيائين. راڳ جي سکيا پنهنجي گهراڻي مان، خان فقير کان ورتائين. 20 سالن تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ لطيفي راڳ ڳائيندو هو. پاڻ 35 سالن جي عمر ۾، درگاهه ڀٽ شاهه تي راڳ ڳائڻ جي شروعات ڪيائين. فقير غلام حيدر، خميس جي رات راڳ واريءَ جماعت ۾، جانو فقير، حاجي سانوڻ، مصري جلالاڻي ۽ فضل فقير سان گڏجي ڳائيندو هو. رسالي جي بين سُرن جي پيٽ ۾ سُر ديسي وڏيءَ مهارت سان ڳائيندو هو. فقير غلام حيدر پنهنجي گهراڻي ۾ شاهه لطيف جي راڳ واري روايت کي زنده رکڻ لاءِ، پنهنجي پُٽ، حاجن فقير کي راڳ جي سکيا ڏني ۽ ان سلسلي ۾ بيا بہ ڪيترائي شاگرد تيار ڪيائين، جيڪي مختلف جماعتن ۾، شاهه لطيف جو راڳ ڳائين ٿا. فقير غلام حيدر، 50 سال درگاهه تي شاهه لطيف جو راڳ ڳايو ۽ 2002ع ڏاري دم ڏنيءَ حوالي ڪيائين. کيس شاهه لطيف جي حُجري واري قبرستان ۾ دفنايو ويو“.(12)

”فقير غلام حيدر نظاماڻي (بابا سائين) راڳ به سکيا. بابا سائين جن راڳ جي سِکيا فقير خان محمد نظاماڻي کان ورتي، پوءِ هر اربع جي رات راڳ جو مڪمل انتظام ڪيو. اِهو راڳ پندرهن سالن تائين سندن هِن فقيري آستاني تي جاري رهيو. انهي ڳالهه کي ڏسندي ڳوٺ وارن اعتراض به ڪيو ته شير محمد اوهان جو پٽ غلام حيدر هاڻ صحيح رستي تي نٿو هلي. فقير شير محمد هڪ تاريخي جملو پنهنجي زبان مان ادا ڪيو ته، الله تعاليٰ اوهان جي اولاد کي به انهي راهه تي آڻي، انهي ڳالهه جو اثر بابا سائين جن جي پوري حياتي تي حاوي رهيو.

ڪچي ڪاچوٽي، نانگن ٻڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
سِڄ نه سُتا ڪڏهن، لاهي لانگوٽي،
تنين جي چوٽي، پورب ٿيندي پڌري.

فقير ابراهيم خاصخيلي جي دور کي لطيفي راڳ جو سونهري دور ڪري چيو ويندو آهي، سنهي ڪڙي جي راڳ جي مجدد فقير راڳ کي هڪ نئين دنيا بخشي، جنهن تي ڪيترائي فقير اعتراض ڪندا هُئا ته وري ڪيترا خوشي مان انهن جي ڳالهه قبول ڪندا هُئا. ابراهيم فقير جي دور ڪانپوءِ غلام شاهه لطيفي جو دور به پنهنجو مٽ پاڻ هو، ته سيد غلام شاهه، نور محمد شاهه، ميرل شاهه، مير محمد عرف ميرو فقير لنجواڻي راڳ ۾ هڪ پلوڙ جوڙ طور سامهون آيا، انهي دور ۾ بابا سائين جن کي سائين درگاهه تي خميس جي رات راڳ لاءِ ڏني، لطيفي سلسلي ۾ خميس جي رات راڳ ڪنهن کي به مليل نه هو. بابا سائين جن پنهنجي استاد فقير خان محمد عرف خان فقير کي وٺي درگاهه تي راڳ جي شروعات ڪئي، هي سلسلو سندن زندگي جي آخري لمحن تائين جاري رهيو.“(13)

فقير غلام حيدر نظاماڻي هر خميس جي رات درگاهه شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي درگاهه تي راڳ ڳائيندو هو. فقير غلام حيدر نظاماڻي ڳوٺ عيدالفطر جي ڏينهن، عيد نماز کانپوءِ پنهنجي اوطاق تي شاهه جو راڳ پنهنجي ساٿين سميت ڳائيندو هو. ان کان علاوه عيدالضحىٰ تي به عيد نماز کان پوءِ شاهه جو راڳ ڳائيندو هو. ڏهين محرم جي رات شاهه جو سندس ڳوٺ واري امام بارگاهه ۾ شاهه جو راڳ ڪيڏارو ڳائيندو هو، سچي رات شاهه راڳ ڳائي ڏينهن جو درگاهه شاهه عبداللطيف ڀٽائي وجي، شاهه جو ڪيڏارو پڙندو هو. فقير غلام حيدر نظاماڻي پنهنجي ڳوٺ لڳ تڪيو فتح محمد شاهه اجناڻي تي به ڪڏهن ڪڏهن راڳ ڳايو هو، پر عام محفلن يا دعوتن شاهه جو راڳ فقير غلام حيدر نظاماڻي نه ويندو هو، هڪ دفعي شهدادپور لڳ ڳوٺ شير خان لغاري جي پر ۾ علي خان سريوال ۾ محرم شريف جي هڪ رات شاهه جو راڳ ڳايو هو.

**14. فقير غلام حيدر نظاماڻي جون لوڪ ادب لاءِ ڪيل خدمتون**

لوڪ ادب، سنڌي ثقافت جي قديم صنف آهي، جنهن جا بنياد تمام گهڻا پراڻا آهن. فقير غلام حيدر نظاماڻي پنهنجي سنڌي ثقافت سان پيار ڪندڙ انسان هو. محبتي ماڻهو ڪوئي هڪ هنڌ گڏ سگهڙائپ جي ڪچهري لاءِ خاص ماڳ سندس اوطاق مقرر ڪئي انهن سگهڙن جي لاءِ هر قسم جي رهڻ ڪائڻ پيئڻ جو بندوبست به پاڻ ڪندو هو. اڳ سگهڙ ميلن ملاڪڙن جي ميدانن، مال جي پڙين واري ڏينهن تي سگهڙائپ جون ڪچهريون ڪندا هئا. فقير غلام حيدر نظاماڻي سان جيڪو انسان هڪ دفعي مليو ته اُهو انسان فقير غلام حيدر نظاماڻي کي ڪڏهن وساري نه سگهندو هو. فقير غلام حيدر نظاماڻي شفقت ۽ پيار ڪرڻ ڪو فقير غلام حيدر نظاماڻي کان سکي، هر ڪنهن انسان کي عزت جا انبار ڏيئي ڇڏيندو هو. ننڍو هجي يا وڏو هجي، ڪهڙي ذات پات سان تعلق هجي يا ڪنهن وري ٻئي مذهب جو انسان هجي پر فقير صاحب هر ڪنهن انسان کي تمام گهڻي عزت ڏيندو هو. هر ڪنهن انسان سان اٽي پاڪر پائي ملڻ کي پنهنجي فريضو سمجهندو هو.

فقير غلام حيدر نظاماڻي پنهنجي دوستن ، سگهڙن ۽ساٿين کي اوطاق جي دروازي تائين وجي رخصت ڪندو هو. ايندڙ جو آڌر ڀاءُ ڪرڻ جو تمام گهڻو فقير غلام حيدر نظاماڻي خيال رکندو هو، انڪري فقير غلام حيدر نظاماڻي اوطاق تي هر وقت ماڻهن جا ميلا مچيل هوندا هئا.

” جلال ڪتي پهريون استاد شاعر هو، جنهن پنهنجي انوکي تخيل ۽ جادو بيانيءَ سان سنڌي سينگار شاعريءَ کي اوج تي پهچايو ۽ سنڌي شاعريءَ جي دائري ۾ ان کي هڪ مستقل فن جي حيثيت ڏني. افسوس جو هن باڪمال شاعر ۽ درويش جي سوانح توڙي ڪلام تي وقت جي هڪ وڏي عرصي پنهنجو لٽ وجهي ڇڏيو آهي.

جلال جي جاءِ سڪونت بابت لس ٻيلي ۽ ساڪري (ٺٽي ضلعي) جي اڪثر موجوده سگهڙن جي متفقه راءِ آهي ته جلال دادو ضلعي جو رهاڪو هو، منجهائنئ اڪثر جي راءِ آهي ته هو دادو تعلقي جي ڳوٺ ”موندر“ جو ويٺل هو ۽ ڪن جو خيال هو ته جوهي تعلقي ۾ ”ڏگهه بالا“ جو رهاڪو هو. هينئن دليلن جي بناء تي هن نتيجي تي پهچجي ٿو ته جلال غالباً دادو ضلعي جي ڳوٺ موندر جو رهاڪو هو.

پهريون ته ميان نور محمد ڪلهوڙي جي سپه سالار شاهه بهاري جهنجهڻ ۽ قلات جي امير عبدالله خان بروهيءَ جي جنگ بابت جلال ۽ جمن چارڻ هڪ ٻئي کي آمهون سامهون بيت چيا آهن. ميان نور محمد جي گاديءَ جو شهر خدا آباد هو، جيڪو دادو تعلقي ۾ واقع آهي. جمن چارڻ جا مٽ ۽ مائٽ عزيز به دادو ۽ سيوهڻ تعلقن ۾ رهندڙ هئا ۽ خود شاهه بهارو به لاڙڪاڻي جو ويٺل هو، جتي سندس مقبرو موجود آهي، انهيءَ ڪري جلال جي سڪونت به دادو ضلعي ۾ زياده قرين قياس نظر اچي ٿي “(14).

”نالو: غلام حيدر خان

پيءُ جو نالو: حاجي شير محمد

ذات: نظاماڻي

ڄم: 20،08،1933ع

تعليم: پنج درجا

سگھڙائپ جي شروعات : نندپڻ کان
سگھڙائپ ۾ استاد : سيد روشن علي شاھ
ڌنڌو: زمينداري
وفات : 29 مارچ 2002ع
ڏس پتو : ڳوٺ حيات خان نظاماڻي. ٽپال گھر ڪرم خان نظاماڻي تعقلو هالا ضلع مٽياري

لطيف جو راڳ ڪندڙ ۽ هر خميس تي درگاھ جي ڊيوٽي ڏيندڙ هيوسندس 30،35 سال لوڪ ادب جي خدمت بہ آهي هر جمع تي وٽس سگھڙن جي ڪچهري ٿيندي هئي جيڪا اڄ تائين سندس لائق فرزند جاري رکيو پيا اچن ۽ قربائتيو ڪچهريون قائم آهن“.(15)

فقيرغلام حيدر نظاماڻي جي اوطاق تي شاھ جو راڳ اربع جي رات ٿيندو هو، پوءِ درگاھ تي خميس رات فقير صاحب ، شاھ جو راڳ چيو ۽ هر هفتي جمع جي رات سگھڙن جي ڪچهري فقير صاحب جي اوطاق تي ٿيندي هئي. جيڪي سگھڙ وٽس ايندا هئا، جن سان سگھڙ ڪچهري فقير غلام حيدر نظاماڻي ڪندو هو، انهن مان ڪجھ جا نالا هي آهن: سيد روشن علي متارو وايو، عيسو خان نظاماڻي، محمد خان نظاماڻي، پير بخش چانڊيو، سومر چانڊيو، خليفو نور محمد (نورو) منگريو، سائل لاکو شاعر،خداڏنو راڄڙ، ميهار سولنگي، ٻيڙو ڪنڀار، عبدالرحمان مهيسر، بيرو شر، ستابو خاصخيلي، امام بخش سنجراڻي، منٺار ڀاٽو، محمد حسن چهواڻ،قادر بخش جهلڻ،حسين بخش شر،فيض محمد ڀچارو،شريف ڏاهري، غلام محمد منگي،جمن ڪنڀار،هارون جاگيراڻي،خير محمد جاگيراڻي، لال ڏنو شر، گل بيگ رند، هدايت الله رڏ، حسين بخش رڏ، احمد ماڇي، مقيم وساڻ، الله رکيو مغيري، علي بخش ملاح، ساجن ڪوريجو، نبن ڏيٿو، ساجن چانگ (نڙائي)، ساهڙ خاصخيلي، چيڙ خاصخيلي نڙائي، زنوار علي بخش جلالاڻي، حاجي سخيرو ڀاٽو،حاجي سڪيلڌو سنجراڻي،محمد خان سنجراڻي،ماڻڪ ڪوسو،سومر گاھو، سومر چنو،فيض محمد جسڪاڻي، مورڻ جلالاڻي،يار محمد ٻگهيو،علي نواز جمالي،محمد رند، لعل بخش پرڙو، غلام محمد منگي ان کان علاوه مختلفن دورن ۾ سگھڙ جو تعداد وڌيڪ ٿيندو هو، خاص ڪري پندرهين صفر تي شاھ عبداللطيف جي ميلي واري ٻئي رات تي پوري سنڌ جا سگھڙ تقريبن ايندا هئا، جن جي مڪمل رهائيش ۽ ننگرجو بندوبست فقير غلام حيدر نظاماڻي پاڻ ڪندو هو.

فقير غلام حيدر نظاماڻي جي وفات جي نسبت سان سندس فرزند هر مهيني جي پندرهين هجري تاريخ تي سگھڙن جي ڪچهري ۽ صوفياني محفل ڪرائيندا آهن. فقير غلام حيدر نظاماڻي جي وري هر سال عقيدت ۽ احترام سان پندرهين محرم جي مهيني ۾ سندس فرزند ساليانې ورسي مالهائيندا آهن. سندس مزار تي گلن جي چادر چاڙهي سندس دوست عزيز شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي حُجري تي وجي ڀٽ شاھ ۾ فقير غلام حيدر نظاماڻي جي مزار تي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪندا آهن.

فقير غلام حيدر نظاماڻي ننڍو پٽ حاجي شير محمد(فقير حاجن) نظاماڻي شاھ جو راڳ خميس رات هر هفتي ڀٽ شاھ تي ڳائيندو آهي. فقير غلام حيدر نظاماڻي پنهنجي پٽ حاجي شير محمد نظاماڻي کي ۽ ڀاٽيجي غلام محمد نظاماڻي کي شاھ جو راڳ پاڻ سيکاريو هو، 1995ع کان سندس ڀاٽيجو راڳ ڳائيندو آهي، حاجي شير محمد (فقير حاجن) نظاماڻي کي راڳ 2000ع ۾ خميس رات فقير صاحب گڏ ڳارايو پوءِ فقير غلام حيدر نطاماڻي جي وفات 14 محرم بمطابق 29 مارچ 2002ع کان پوءِ فقيرحاجي شير محمد (حاجن) نظاماڻي خميس رات جي اڳواڻي ملي جيڪا اجان تائين هلندڙ آهي.

**15. نتيجا**

فقير غلام حيدر نظاماڻي جو تعلق نظاماڻي قبيلي سان آهي، سندس نسب فقير نظام سان ملي ٿو، جيڪو اصل رهاڪو ديري غازي جو هو. فقير غلام حيدر نظاماڻي جا وڏا ديري غازي خان مان اچي سنڌ جي شهر ماتلي ۾ رهيا، اُتان سندس ڏاڏو محمد خان نظاماڻي هالا جي ڳوٺ حيات خان نظاماڻي اچي رهائش پزير ٿيو ۽ حيات خان نظاماڻي سان رشتي داري ڪري اُتي رهيو. فقير غلام حيدرنظاماڻي جي ڏاڏي، محمد خان نظاماڻي کي ٿي پٽ هئا

جن ۾ حاجي خان، فيض محمد، شير محمد. شيرمحمد سپني پائرن ۾ ننڍو هو ڪيس هڪ پٽ فقير غلام حيدر نظاماڻي هو. فقير غلام حيدر نظاماڻي کي شاھ جو رسالو، سيد حاجي روشن علي شاھ ڏنو هو، جنهن کي پڙهندي فقير غلام حيدر نظاماڻي کي پندرهن ڏينهن اندر شاھ جي رسالي جا ٽي سُر ياد ڪيا ، ۽ پوءِ شاھ جو رسالي جو فقير غلام حيدر نظاماڻي شاھ جي رسالي جو ياد حافظ ٿي ويو. انڪري شاھ جي راڳ سان فقيرغلام حيدر نظاماڻي کي شاھ جي راڳ سان لڳاءُ پيدا ٿيو . فقير غلام حيدر نظاماڻي جو شاھ جي راڳ جو استاد خان محمد نظاماڻي هو. فقير غلام حيدر نظاماڻي شاھ جي راڳ شروعات پنهنجي اوطاق تان ڪئي ۽ پوءِ خميس جي رات درگاھ شاھ عبداللطيف ڀٽائي جو راڳ ڳائڻ شروع ڪيو. فقير غلام حيدر نظاماڻي، صوفي لطيفي طريقت جي ذڪر (احديت) جي بيعت فقير لائق ڏنو تمراڻي جي هٿ تي ڪئي ۽ ڪيس لائق ڏني فقير لطيف سائين جي دور جو پٽڪو نيري رنگ جو پَهرايو جنهن کي لطيفي جماعت ۾ ويس چون ٿا، جيڪو سندس پٽن وٽ محفوظ آهي. فقير غلام حيدر نظاماڻي انسان دوست همدرد ۽ شفقت پريو انسان هو، سندس اوطاق تي لطيفي راڳ ٻنهي عيدن تي ٿيندو آهي. فقير غلام حيدر نظاماڻي جو هڪ وڏو پٽ فقير علي ڏنو نظاماڻي حڪمت ۽ سگهڙائپ جون ڪچهري قائم رکيو اچي پيو، ٻيو پٽ شاھ جو راڳائي فقير آهي جيڪو هر خميس جي رات شاھ جو راڳ ڳائيندو آهي، سندس پاٽيجو فقير غلام محمد نظاماڻي ٻہ شاھ جو راڳائي آهي. فقير غلام حيدر نظاماڻي جي اوطاق هڪ اداري جئيان آهي جتي شاھ جا راڳائي فقير، لوڪ ادب جا اديب سگهڙ ايندا رهندا آهن جتي محبت، امن، سهپ، درگذر جا ڳڻ ماڻهن کي سيکاريا ويندا آهن. جتي محفلون قائم ۽ دائم آهن. شاھ جي راڳ جا دنبورا فقير غلام حيدر نظاماڻي جي اوطاق تي بخش علي وگهامل ٺاهيندو هو، جتان شاھ جا راڳائي فقير دنبورا ٺهرائيندا هئا. فقير غلام حيدر نظاماڻي پنهنجي خاندان ۽ قبيلي جي ماڻهن کي امن جو درس ڏنو، لطيف سائين سان سچي زندگي عشق ڪيو، پنهنجي اولاد کي انسانيت جو درس ڏنو، سندس اولاد انهي روايت تي قائم آهي.

**حوالا**

نظاماڻي،پروفيسر عبدالجبار”قاسم“ ، نظاماڻي پبليڪشن، ڇاپو پهريون 2012ع، ص 33
ساڳيو ص .32
ساڳيو ص 114.
https://sindhipeoples.blogspot.com/2016/11/blog-post_59.html
بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش،سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ، ڇاپو ٽيون سن 2022ع، ص 245.
https://www.shahabdullatifbhittai.com.pk/sn/alldors.php
نظاماڻي،پروفيسر عبدالجبار”قاسم“ ، نظاماڻي پبليڪشن، ڇاپو پهريون 2012ع، ص 100،99
ساڳيو ص 100
.ساڳيو ص 100.
بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش،سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ، ڇاپو ٽيون سن 2022ع، ص 255
https://www.shahabdullatifbhittai.com.pk/sn/alldors.php
https://bhittaipedia.org/research/article
https://books.sindhsalamat.com/book/937/read/49583
https://books.sindhsalamat.com/book/137/read/6417
لاشاري عاجز رحمت الله،سگهڙن جي جامع ڊائريڪٽري، سگهڙ لوڪ ادب تنظيم ڇاپو ٻيو ڊسمبر 2015 ص 750.